# جلدبازي

## جا نقصان

22-August-2019

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# جلد بازي جا نقصان

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو- ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون- اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي- "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**.

## دُرُود شريف جي فضيلت

رسولِ اکرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: جڏهن توهان رَسولن (عَلَيهِمُ السَّلام) تي دُرُودِ پاڪ پڙهو تہ مون تي بہ پڙهو، بيشڪ مان بہ الله جو رسول آهيان- (جمع الجوامع للسيوطي،١/٣٢٠، حديث٢٣٥٤)

ميری زبان تَر رہے ذِکر و دُرُود سے بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فُضول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون

نِيتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الڪبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سُني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سُنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس-

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي هن هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع جي بيان جو موضوع آهي ”**جلدي بازي جا نقصان**“- جلد بازي ڪرڻ جي ڪري ڪهڙا ڪهڙا نقصان ٿي سگهن ٿا، معاشري ۾ ڪهڙن ڪمن ۾ جلدبازي ڪئي ويندي آهي ۽ ڪهڙن ڪمن ۾ جلدي ڪرڻ گهرجي اهو سڀ ۽ ٻيا نڪتا بيان ٿيندا- اي ڪاش! اسان کي سچو بيان سنين نيتن سان ٻڌڻ جي سعادت نصيب ٿي وڃي- آمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”**جلد بازي جا نقصانات**“ جي صفحي نمبر27 تي هڪ سبق آموز حديثِ پاڪ لکيل آهي، اچو! ٻڌون ٿا،

## ٻيهر نماز پڙهائي

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنۡہ کان روايت آهي، هڪ شخص مسجد ۾ آيو، حضور رحمتِ عالَم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ وينا هئا، ان شخص نماز پڙهي ۽ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي سلام ڪيائين، ان کي نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: وَعَلَيكَ السَّلَام، موٽي وڃ نماز پڙهه تو نماز ناهي پڙهي- هو موٽي ويو نماز پڙهي ٻيهر اچي سلام ڪيائين، پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون: وَعَلَيكَ السَّلَام موٽي وڃ نماز پڙهه تو نماز ناهي پڙهي- ان ٽئين ڀيري يا ان کان پوءِ عَرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! مون کي سيکاري ڇڏيو، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏهن توهان نماز لاءِ وڃو ته وُضو پورو ڪريو پوءِ ڪعبي ڏانهن منهن ڪريو، پوءِ تڪبير چئو، پوءِ جيتري قدر قرآن آسانيءَ سان پڙهي سگهو پڙهو، پوءِ رُڪوع ڪريو ايستائين جو رُڪوع ۾ مطمئن ٿي وڃو پوءِ بيهي رهو ايستائين جو سڌا بيهي رهو پوءِ سجدو ڪريو ايستائين جو سجدي ۾ مطمئن ٿي وڃو پوءِ اٿو ايستائين جو اِطمينان سان ويهي رهو پوءِ سجدو ڪريو ايستائين جو سجدي ۾ مطمئن ٿي وڃو پوءِ اٿو ايستائين جو اِطمينان سان ويهي رهو پوءِ پنهنجي سڄي نماز ۾ ائين ئي ڪريو- (بخاري،ڪتاب الاستئذان، باب من رد فقال: عليک السلام، ۲۷۱/۴،حديث:۶۲۵۱)

ايسا ڪرم هو نيڪيوں ميں دل لگا ڪرے     پڑھتا ہوں گر نماز بھی تو بے دِلی کے ساتھ

(وسائلِ بخشش مُرمَّم،ص۲۱۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان 4 نڪتا حاصل ٿيا: (1) پهريون نڪتو اهو ته پهريان وارا ماڻهو سلام جهڙي پياري پياري سنت تي عمل ڪرڻ وارا هوندا هئا، چاهي ڪيتري ئي ڀيرا ملاقات ڪرڻي پئي پر هو سلام ضرور ڪندا هئا- افسوس! اڄڪلهه ٻين سنتن جيان اها سُنّت به ختم ٿيندي نظر اچي رهي آهي- ماڻهو جڏهن پاڻ ۾ ملندا آهن ته اَلسَّلَامُ عَلَيكُم سان ابتدا ڪرڻ بدران **"آداب عرض"** ڇا حال آهي؟ **"سائين جو خير" "صبح بخير"، "شام بخير"** وغيره وغيره عجيب ۽ غريب جملن سان شروعات ڪندا آهن، اهڙي طرح ڪجهه ماڻهو هٿن جي اشارن ۽ ڪارائين سان سلام ڪندا آهن ۽ اهڙي

طرح سلام جو جواب ڏيڻ ۾ سستي ڪئي ويندي آهي، اهو سڀ خلافِ سُنّت آهي- ڪن ماڻهن جي بيباڪي جو اهو عالَم هوندو آهي جو هو ملاقات جي وَقت سلام ڪرڻ بدران مَعاذَالله گار سان گفتگو جو آغاز ڪندا آهن، جيئن ته اعليٰ حضرت امام احمد رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: مون پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ ڪنن سان (ماڻهن کي) سلام جي بدران گار ڏيندي ٻڌو آهي- (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت،ص۴۵۰) اي ڪاش! هر مسلمان سلام جي اهميت کي سمجهي ۽ هڪ ٻيرو ٻيهر اها سُنّت عام ٿي وڃي- سلام جي عظيم سنت بابت مزيد معلومات جي لاءِ امير اهلسنت جو رسالو **101 مدني گُل** ۽ مڪتبة المدينه جو ڪتاب"**سنتون ۽ آداب**" جو مطالعو فرمايو-

(2) ٻيو نڪتو اهو مليو ته جيڪڏهن ڪو اسان کي اسان جي عيبن کان آگاهه ڪري، اسان جي ڪا ڪمزوري بيان ڪري، اسان جي اصلاح ڪري ته اسان کي غصّي ۾ اچڻ ۽ پنهنجي ضد ڪرڻ جي بدران پنهنجي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، افسوس! حالات تمام گهڻا نازڪ ٿيندا پيا وڃن، جيڪڏهن ڪو ڪنهن کي ان جا عيب ٻڌائي يا نصيحت ڪري ته ان ويچاري جي شامت اچي ويندي آهي، ان تي طعنن مهڻن جا تير وسايا ويندا آهن، مثال طور چوندا آهن اجان اٿ ڏينهن ناهن ٿيا، آيو آهي وڏو نصيحت ڪندڙ، چار ڪتاب ڇا پڙهي ورتا پنهنجو پاڻ کي خبر ناهي ڇا سمجهي ٿو، ڀهريان پنهنجو پاڻ کي ته نيڪ ٻڌائي وٺ پوءِ اسان کي چئجان، بس بس اسان کي سڀ خبر آهي اسان کي نه سمجهائيندو ڪر، هل هل پنهنجو ڪم ڪر. وغيره-

ناصحا! مت کر نصیحت دل مرا گھبرائے ہے

اُس کو دشمن جانتا ہوں جو مجھے سمجھائے ہے

**مختصر وضاحت:**

تنهنڪري جيڪڏهن ڪو مسلمان اسان کي اسان جا عيب ٻڌائي، اسان کي نصيحت ڪري ۽ سٺي نِيت سان اسان جي اصلاح ڪري ته اسان ان کي پنهنجو دشمن (Enemy) نه بلڪ پنهنجو محسن سمجهندي ان جو شڪريو ادا ڪريون، اچو! هن باري ۾ الله وارن جو طرزِ عمل ملاحظ ڪريو، جيئن

اميرالمؤمنين حضرت سيدنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مون کي اهو شخص محبوب (يعني پيارو) آهي جيڪو منهنجي عيبن کان مون کي آگاهه

ڪري- (الطبقات لابن سعد، رقم:۵۶ ،عدي بن ڪعب،۲۲۲/۳) سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: انصاف پسند تہ انھن جا مَمنُون (يعني شڪر گذار) ٿيندا آھن جيڪي انھن کي صَوَاب (يعني دُرُستي) جي راھ ٻڌائن- (ملفوظات اعليٰ حضرت ،ص۲۲۰)

(3) ٽيون نڪتو اھو معلوم ٿيو! اصلاح ڪرڻ ۾ چڱي اخلاق ۽ نرمي جو نھايت اھم ڪردار ھوندو آھي- عام طور ڪجھ اسلامي ڀائر پنھنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻھن جي اصلاح جي ڪوشش جو جذبو بہ رکندا آھن، گناھن ۾ مبتلا ماڻھن جي اصلاح جي لاءِ تڙپندا بہ آھن، خوب انفرادي ۽ اجتماعي ڪوششون بہ ڪندا آھن تہ معاشري مان بُرائين جو خاتمو ٿئي ۽ ھر پاسي سُنّتن جون بھارون اچن، پر سخت لھجي، بداخلاقي، غصي، سخت لفظن، تنقيدي ذھن ۽ سيني جي سامھون جھڙڪندي سمجھائڻ جھڙين عادتن جي ڪري انھن کي پنھنجي مقصد ۾ خاطر خواہ ڪاميابي ناھي ملي سگھندي، بلڪ اُلٽو نقصان ئي ٿيندو آھي، تنھنڪري جيڪڏھن اسان واقعي اُمّت جي اصلاح جي جذبي ۾ مخلص آھيون تہ اسان کي گھرجي تہ اسان اصلاح ڪرڻ وقت نرم لھجو رکون، سُنّي اخلاق سان پيش اچون، درگذر سان ڪم وٺون، منا ٻول ڳالھايون، تنقيدون ڪرڻ کان بچون ۽ جيستائين ممڪن ھجي تنھائي ۾ سمجھائڻ جي ڪوشش ڪريون، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جا بھترين نتيجا (results) سامھون ايندا-

اميرِ اھلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“، رسالو ”منا ٻول“ ۽ ”عفو و درگذر جون فضيلتون“ جو مطالعو ڪرڻ سان معلومات ملندي تہ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري ھڪ مبلغ کي ڪيئن ھئڻ گھرجي؟ مبلغ جو حسنِ اخلاق ڪھڙو ھئڻ گھرجي، ھڪبئي کي معاف ڪرڻ جو جذبو ڪھڙو ھئڻ گھرجي؟

بَنا دو صَبر و رِضا کا پیکر، بنوں خوش اَخلاق ایسا سرور
رہے سدا نَرم ہی طبیعت، نبیِّ رَحمت شفیعِ اُمّت
(وسائلِ بخشش مُرمَّم،ص۲۰۸)

(4) چوٿون نڪتو اھو مليو تہ جلد بازي اھڙي بُري آفت آھي جو جيڪڏھن اھا عبادت ۾ شامل ٿي وڃي تہ ڪڏھن تہ ان کي نامڪمل بلڪ ضايع ئي

ڪرائيندي آهي- افسوس! موجود زماني ۾ مسلمانن جو تمام گهٽ تعداد نماز پڙهي ٿو ۽ جيڪي پڙهن به ٿا انهن مان به ڪي نادان جلد بازي جي ڪري پنهنجون نمازون برباد ڪري ڇڏيندا آهن- اهڙن ڪي نماز جو چور قرار ڏنو ويو آهي، جيئن

## نماز جو چور

اُمّتين تي مهربان، محبوبِ رَحمٰن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: سڀ کان بَدتَر چور اهو آهي جيڪو پنهنجي نماز ۾ چوري ڪري ٿو- صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عَرض ڪيو: يارسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڪو شخص پنهنجي نماز ۾ ڪهڙي طرح چوري ڪري سگهي ٿو؟ ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايائون: هو ان جا رُڪوع ۽ سجدا پورا نٿو ڪري، يا اِرشاد فرمايائون: اهو رڪوع ۽ سجدن ۾ پنهنجي پُٺي سِڌي نٿو ڪري-

(مسند احمد،مسند ابي سعيد خدري،۱۱۲/۴،حديث:۱۱۵۳۲)

ياد رکو! جلدي جلدي نماز پڙهڻ اهڙي طرح جو رڪوع ۽ سجدا پوري طرح ادا نہ ٿين اهو هرگز هرگز فخر ۽ ڪمال جي ڳالهه ناهي بلڪ تشويش جي ڳالهه آهي، اهڙي طرح نماز پڙهڻ ايمان جي بربادي جو بہ سبب بڻجي سگهي ٿو، نماز اللّٰه پاڪ جي فرضن مان هڪ فرض آهي، نماز هڪ اهم ترين عبادت آهي، نماز پڙهڻ وارن خوش قسمتن کي اهو سکڻ گهرجي تہ درست نماز ڪيئن پڙهجي؟ نماز ۾ فرض، واجب ۽ سنتون ڪيتريون آهن؟ ڪهڙن فعلن سان نماز ٽيندي ئي ناهي، ڪهڙن فعلن سان نماز ٽُٽي پوندي آهي، ڪهڙن فعلن سان نماز ٻيهر پڙهڻي پوندي آهي، شرعي سفر دوران نماز ڪيئن پڙهجي، جنهن جي ذمي ڪيئي نمازون قضا هجن، اهو ڪيئن پڙهي؟ اللّٰه پاڪ عاشقان رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي کي قيامت تائين ترقي نصيب فرمائي جو جنهن لکين بي نمازن کي نمازي بڻايو، نماز پڙهڻ وارن جي نماز کي درست ڪيو، جي ها! جيڪڏهن اسان بہ نماز درست سکڻ چاهيون ٿا تہ اچو ”فيضانِ نماز ڪورس“ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريون. هن ڪورس جي برڪت سانَ نماز جي متعلق ڪيئي بنيادي مسئلا سکڻ لاءِ ملندا، دنياوي ترقيون حاصل ڪرڻ جي لاءِ، وڏيون وڏيو ڊگريون ماڻڻ جي لاءِ ڪيئي ڪيئي مهينا مختلف ڪورسز ڪيا ويندا آهن، هزارين روپيہ فيس بہ ادا ڪندا هوندا، اي ڪاش! اللّٰه پاڪ جي رضا ماڻڻ ۽ ثواب ڪمائڻ جي لاءِ اسان بہ فيضانِ نماز ڪورس ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. هن ڪورس جي ڪا بہ فيس

ناهي هوندي، بلڪ هي ڪورس ڪرڻ وارن ڪي رهائش به ڏني ويندي آهي، ڪارآيو پياريو ويندو آهي، هن ڪورس ۾ داخلا جي لاءِ مقامي ذميدارن سان معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي.

عاشقانِ رسول جي لاءِ خوشخبري آهي ته! عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه ڪراچي ۾ هر انگريزي مهيني جي پهرين(1) تاريخ، 11 تاريخ ۽ 21 تاريخَ تي صرف 7 ڏينهن جو ”فيضانِ نماز ڪورس“ ٿيندو آهي جنهن ڪي جتي آساني ٿئي، هي ڪورس ڪرڻ جِي سعادت ماڻڻ گهرجي.

فيضانِ نماز ڪورس جي متعلق وڌيڪ معلومات جي لاءِ هن نمبر تي رابطو ڪري سگهجي ٿو.0311-1021226

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بُري خاتمي جي وعيد

حضرت حُذَيفه بن يمان رَضِىَ اللهُ عَنْه جن هڪ شخص ڪي ڏٺو جيڪو نماز پڙهندي رڪوع ۽ سجدا پورا ادا نه ڪري رهيو هو. ان ڪي فرمايائون: تو جيڪا نماز پڙهي جيڪڏهن ان حالت ۾ انتقال ڪري وئين ته حضرتِ سَيِّدُنا محمدِ مُصطَفٰي (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي طريقي تي تنهنجو موت واقع نه ٿيندو. (بخاري،ڪتاب الاذان،باب اذا لم يتم السجود،۲۸۴/۱،حديث:۸۰۸) نسائي شريف جي روايت ۾ اهو به آهي ته پاڻ رَضِىَ اللهُ عَنْه جن پڇيو: تون ڪڏهن کان اهڙي طرح نماز پڙهي رهيو آهين؟ ان چيو: چاليهه (40) سالن کان. ته حضرت حُذَيفه بن يمان رَضِىَ اللهُ عَنْه ان ڪي فرمايائون: تو چاليهه (40) سالن کان بلڪل نماز ئي نه پڙهي آهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ توکي موت اچي ويو ته دينِ محمدي تي نه مرندين. (نسائي، ڪتاب السهو،باب تطفيف الصلاة،ص۲۲۵حديث:۱۳۰۹)

مسلماں ہے عطار تیری عطا سے ہو ایمان پر خاتمہ یاالٰہی
(وسائلِ بخشش مرمَّم،ص۱۰۵)

نماز بابت ضروري احڪام ڄاڻڻ ۽ سکڻ جي لاءِ امير اهلسنت جي ڪتاب ”**نماز جا احڪام**“ جو مطالعو فرمايو-

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

افسوس! قرآني احڪامن ۽ تعليماتِ مصطفوي کان دوري جي ڪري اڄ معاشري جو هڪ وڏو طبقو **جلد بازي** جي ان بُري آفت ۾ مُبتَلا نظر ايندو آهي ۽ بعد ۾ پڇتائيندو آهي- اچو! جلد بازي جي ڪجهه وڏيڪ نقصانن جي باري ۾ پڙهون ٿا ته جيئن جيڪڏهن اسان ۾ ڪو هن بُري آفت ۾ مُبتَلا هجي ته ان کي پنهنجو احتساب ڪرڻ جو موقعو (Chance) ملي سگهي:

## جلد بازي جا نقصان

ياد رکو! ❖ **جلد بازي** الله پاڪ کي ناپسند آهي، ❖ **جلد بازي** شيطان جي طرفان ٿيندي آهي، ❖ **جلد بازي** سان نهيل ڪم به بگڙجي ويندا آهن، ❖ **جلد بازي** ناڪامين جو ڪارڻ آهي، ❖ **جلد بازي** پڇتاوي جو سبب ٿيندي آهي، ❖ **جلد بازي** سان عزت ۽ وقار بئي خراب ٿيندا آهن، ❖ **جلد بازي** جي ڪري بار بار معافي گهرڻي پوندي آهي، ❖ **جلد بازي** ترقي جي راهه ۾ رُڪاوٽ بڻجي ويندي آهي، ❖ **جلد بازي** بين جي نظر ۾ شرمندو ڪرائيندي آهي، ❖ **جلد بازي** مالدار کي ڪنگال ڪرائيندي آهي، ❖ **جلد بازي** ڪرڻ سان انسان پنهنجي حق کان به محروم ٿي ويندو آهي، ❖ **جلد بازي** ڪڏهن ڪڏهن هٿ پير ٽوڙائيندي آهي، ❖ **جلد بازي** انسان کي اسپتال جي بستر تائين پهچائيندي آهي، ❖ **جلدبازي** انسان کي موت جي منهن ۾ ڪٽي ويندي آهي، ❖ **جلد بازي** انسان کي قبر جي ڪڏ تائين پهچائيندي آهي، ❖ **جلد بازي** جي ڪري نمازون ۽ ٻيون عبادتون مثال طور نماز، روزو، حج ۽ قرباني وغيره ضايع ٿي سگهن ٿيون، ❖ **جلد بازي** ڪرڻ سان رشتا ٽُٽي پوندا آهن، ❖ **جلد بازي** بين جو نقصان ڪرائيندي آهي، ❖ **جلد بازي** جي سبب هڪ ئي ڪم کي بار بار ڪرڻو پوندو آهي جنهن جي ڪري بيا ڪم به تاخير جو شڪار ٿيندا ۽ وقت به ضايع ٿيندو آهي، ❖ **جلد بازي** ڪرڻ جي ڪري بين جو اعتماد ڪچي ويندو آهي، ❖ **جلد بازي** جي ڪري گهربل مقصد ۽ هدف حاصل ناهن ٿي سگهندا، ❖ **جلد بازي** ۾ ڪو ڪتاب يا رسالو پڙهڻ ڪڏهن فائدو ناهي ڏيندو ۽ ان جو مضمون ذهن ۾ نقش به ناهي ٿيندو، ❖ **جلد بازي** جي ڪري تحرير، بيان ۽ گفتگو بي اثر ۽ بي جان ٿي ويندي آهي، ❖ **جلد بازي** جي ڪري زال مڙس جو مقدَّس رشتو ٽُٽي پوندو آهي، ❖ **جلد بازي** اڪثر تنظيمي معاملن جي لاءِ به نقصان جو سبب

ٻڌجي ويندي آهي، ❖ **جلد باز** انسان مخلص ماڻهن کان محروم ٿي ويندو آهي، ❖ **جلد باز** انسان دلين ۾ نفرتن جو ٻج پيدا ڪندو آهي، ❖ **جلد باز** انسان وڏا وڏا خطرا ڏسي سگهي ٿو، ❖ **جلد باز** انسان غلط فيصلا ڪندو آهي، ❖ **جلد بازي** ڪرڻ واري جو مستقبل اونداهو ٿي سگهي ٿو، ❖ **جلد باز** انسان عملي قدم کڻڻ کان پهريان ان جي سٺن ۽ بُرن پهلوئن تي غور ناهي ڪري سگهندو ۽ ائين اڪثر هو پنهنجو نقصان ڪري ويهندو آهي، ❖ **جلد باز** انسان چڱائي کي برائي ۽ بُرائي کي چڱائي سمجهڻ لڳندو آهي، ❖ **جلد بازي** ۾ مُبتَلا شخص هر هڪ تي اَنڌو اعتماد (trust) ڪري ويهندو آهي، ❖ **جلد باز** شخص هر ڪنهن تي شرعي حڪم لڳائڻ ۾ جلدي ڪندو آهي، ❖ **جلد باز** انسان ڪائڻ پيئڻ جي معاملي ۾ بہ بي احتياطي سان ڪم وٺندو آهي، ❖ **جلد باز** شخص پنهنجي تحريڪ، تنظيم ۽ پنهنجي اداري کي نقصان پهچائيندو آهي، ❖ **جلد باز** انسان جو مثال ان شخص جيان آهي "**جيڪو ٻڌي تہ سيني جي پر ڪري مَن جي**"، ❖ **جلد باز** شخص پنهنجو حق وٺڻ جي چڪر ۾ ٻين جا حق ضايع ڪندو آهي، ❖ **جلد باز** انسان جلدي ڌوڪو کائي ويندو آهي، ❖ **جلد باز** شخص مسلمانن کي تڪليفون ڏيڻ جو بہ سبب بڻجندو آهي، ❖ **جلد باز** جي مَذَمَّت قرآنِ ڪريم ۾ بہ بيان ڪئي وئي آهي، جيئن

سيپاري 15 سوره بني اسرائيل جي آيت نمبر11 ۾ ارشادِ ربّاني آهي:

وَ یَدْعُ الْاِنْسَانُ بِالشَّرِّ دُعَآءَهٗ بِالْخَیْرِؕ وَ كَانَ الْاِنْسَانُ عَجُوْلًا ﴿۱۱﴾ (پ۱۵،بني اسرائيل:۱۱)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ انسان برائي جي دعا ڪندو آهي جيئن ڀلائي گهرندو آهي ۽ انسان ڏاڍو جلدباز آهي.

## جلد بازي جي مَذمّت

بيان ڪيل آيت سڳوري تحت تفسير صراط الجنان ۾ آهي: هن آيت جي آخر ۾ فرمايو ويو تہ انسان وڏو جلد باز آهي- ان کي سامهون رکندي ڏٺو وڃي تہ اسان جي معاشري ۾ ماڻهن جي هڪ تعداد اهڙي نظر ايندي آهي جيڪي ديني ۽ دنياوي ٻنهي طرح جي ڪمن ۾ جلدِ بازي کان ڪم وٺندا آهن، جيئن وضو ڪرڻ ۾، نماز ادا ڪرڻ ۾، تلاوتِ قرآن ڪرڻ ۾، روزو افطار ڪرڻ ۾، تراويح ادا ڪرڻ ۾، قرباني ڪرڻ ۾، ذبح کان بعد جانور جي کل لاهڻ ۾، ارڪانِ حج ادا ڪرڻ ۾، دعا جي قبوليت ۾، بد دعا ڪرڻ ۾، ڪنهن کي

گناهگار قرار ڏيڻ ۾، ڪنهن جي خلاف بد گماني ڪرڻ ۾، دنيا طلب ڪرڻ ۾، نہ ملڻ تي شڪوه ڪرڻ ۾، راءِ قائم ڪرڻ ۾، ڪنهن سان جهيڙو ڪرڻ ۾، ڪنهن تي ڪاوڙ نافذ ڪرڻ ۾، ڪنهن جي خلاف يا ڪنهن ڪم بابت فيصلو ڪرڻ ۾، گاڏي هلائڻ ۾، گاڏي مان لهڻ يا چڙهڻ ۾ ۽ روڊ پار ڪرڻ وغيره بي شمار ديني ۽ دُنيوي معاملن ۾ ماڻهو جلد بازي ڪندا آهن ۽ ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن جون عبادتون ئي ضايع ٿي ويندِيون آهن ۽ ڪڏهن هو دنياوي معاملات ۾ بہ شديد نقصان کڻندا آهن ۽ انهن وٽ شرمساري ۽ پڇتاوي کان سواءِ ٻيو ڪجھ باقي ناهي رهندو- (تفسيرصراطُ الجنان، پ۱۵،بني اسرائيل،تحت الآية:۱۱،۵/۴۲۸) اچو! هن باري ۾ بہ حديث سڳوريون ۽ بہ بزرگانِ دين جا قول پڙهو ۽ جلد بازي جي آفتن ۽ نقصانن کان پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪريو، جيئن

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا :رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شيخ عبدُ القيس کي فرمايائون: توهان ۾ بہ خصلتونَ اهڙيون آهن جو الله ڪريم کي محبوب آهن، (1) بردباري ۽ (2) جلد بازي نہ ڪرڻ- (ترمذي، ڪتاب البر والصلة، باب ما جاء في التأنّي والعجلة،۳/۴۰۷،حديث:۲۰۱۸)

حضرت سهل بن سعد ساعدي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: اطمينان الله ڪريم جي طرفان آهي ۽ جلد بازي شيطان جي طرفان آهي- ( ترمذي، ڪتاب البر والصلة، باب ما جاء في التّأني والعجلة، ۳/۴۰۷، حديث:۲۰۱۹)

حڪيم الاُمّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني دنياوي ۽ ديني ڪمن کي اطمينان سان ڪرڻ الله پاڪ جي اِلهام مان آهي ۽ انهن ۾ جلد بازي کان ڪم وٺڻ شيطاني وسوسو آهي- هن ترجمي ۽ شرح مان معلوم ٿيو تہ اها حديث هن آيتِ ڪريمہ جي خلاف ناهي: وَ سَارِعُوْۤا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ (پ4،آل عمرٰن:133) ترجموڪنزالايمان:(۽ ڊوڪو پنهنجي پالڻهار جي بخشش ڏانهن) ۽ نہ هن آيت جي خلاف آهي: وَ يُسَارِعُوْنَ فِي الْخَيْرٰتِ (پ4،آل عمرٰن:114) ترجموڪنزالايمان:(۽ چڱن ڪمن ۾ اڳرائي ڪن ٿا) جو اتي سُرعت يعني ديني ڪم ۾ دير نہ لڳائڻ، جلد ادا ڪرڻ جي ساراهہ آهي ۽ هتي خود ڪم ۾ جلد بازي ڪرڻ جو ڪم بگڙجي وڃي ان کان منع ڪيو ويو آهي ڪي ماڻهو ٻن منٽن ۾ چار رڪعتون پڙهي وٺندا آهن، اها آهي عُجلت (جلد بازي)،

نفسِ عبادت ۾ جلدي بُري آهي- (مرآة المناجيح، ۶/۶۲۵)

شيخُ الاسلام شهابُ الدِّين امام احمد بن حجر مکي شافعي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: توڙي جو جلد بازي شيطان جي طرفان ٿيندي آهي پر هو پاڻ جلدباز ناهي هوندو بلڪ انسان کي اهڙي طرح آهستہ آهستہ برائي ۾ مبتلا ڪندو آهي جو ان کي خبر بہ ناهي پوندي، پر جيڪو شخص ڪو عملي قدم کڻڻ کان پهريان خوب غورو فِڪر ڪندو آهي تہ ان کي ان ڪم ۾ بصيرت حاصِل ٿي ويندي آهي، تنهنڪري جيستائين ڪنهن ڪم ۾ بصيرت حاصِل نہ ٿئي تہ ان ۾ جلد بازي نہ ڪرڻ گهرجي سواءِ اُن ڪم جي جنهن کي فوراً ڪرڻ واجِب هجي ۽ ان ۾ غورو فِڪر جي ڪا گنجائش ئي نہ هجي- (الزواجرعن اقتراف الکبائر،۱/۱۸۱)

بڑھتا جاتا ہے ہر دم آہ! غلبہ نفس و شیطاں کا

یہ ہر نیکی میں ہو جاتے ہیں حائل یا رَسُوْلَ الله

(وسائلِ بخشش مرمَّم،ص۳۳۶)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## گاڏي هلائڻ ۽ روڊ پار ڪرڻ ۾ جلدبازي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي ملڪ ۾ ٽريفڪ حادثن ۾ تيزي سان اضافو ٿيندو پيو وڃي، ڇا ڪڏهن اسان غور ڪيو تہ آخر ائين ڇو ٿي رهيو آهي؟ ان جو هڪ تمام وڏو سبب جلدبازي بہ آهي- انهيءَ جلد بازي جي ڪري گاڏين وارا پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويندا آهن، اهڙي جلد بازي جي سبب گاڏين کي شديد نقصان پهچندو آهي، انهيءَ جلد بازي جي سبب واٽ ويندڙ ماڻهو چيڀاٽجي ويندا آهن، انهيءَ جلدبازي جي ڪري گاڏي هلائڻ وارو نہ صرف پنهنجو بلڪ ٻين جو بہ نقصان ڪري ويهندو آهي، انهيءَ جلدبازي جي ڪري ڪيئي ماڻهو زخمي بہ ٿي پوندا آهن، انهيءَ جلدبازي ڪرڻ جي نتيجي ۾ سڄي زندگي جي لاءِ معذوري ڳچي ۾ پئجي ويندي آهي، انهيءَ جلدبازي جي ڪري ڪوڙ قيمتي جانيون ضايع ٿي وينديون آهن، وغيره- ياد رکو! منزل تائين پهچڻ جي ڪوشش ۾ گاڏي هلائڻ ۾ تيز رفتاري ۽ روڊ پار ڪرڻ ۾ جلدبازي ڪرڻ انسان کي گهر جي بدران قبرستان بہ پهچائي سگهي ٿي، تنهنڪري عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ

گاڏي هلائڻ ۾ روڊ پار ڪرڻ ۾ جلدبازي ڪرڻ کان بچيو وڃي، صبر ۽ احتياط سان ڪم ورتو وڃي ۽ اهڙا ٽريفڪ قانون (traffic rules) جيڪي خلافِ شرع نہ هجن، انهن جي پابندي ڪئي وڃي- اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان حادثات ۾ واضح گهٽتائي نظر ايندي-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪاڌو کائڻ ۾ جلد بازي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاڌو کائڻ ۾ جلد بازي ڪيئي حوالي سان نقصان پهچائيندي آهي- حرص جا شوقين ماڻهو ڪاڌي کي بنا چٻاڙڻ جي جلدي ۾ معدي ۾ لاهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن- ياد رهي! ڪاڌي کي چڱي طرح چٻاڙي کائڻ گهرجي ڇوتہ جلدبازي جي ڪري چڱي طرح چٻاڙڻ بغير ڳيهڻ سان هضم ڪرڻ جي لاءِ معدي کي سخت تڪليف ڪٽڻي پوندي آهي، اهڙي طرح ڏندن جو ڪم آنڊن سان ورتو ويندو آهي- اهڙي ئي طرح ڪن ماڻهن کي گرما گرم ڪاڌو ۽ چانهہ گهڻي پسند هوندي آهي، انهيءَ شوق جي ڪري هو پنهنجو منهن بہ ساڙي ويهندا آهن- ياد رکو! تيز گرم کائڻ يا خوب گرما گرم چانهہ يا ڪافي وغيره پيئڻ سان مُنهن ۽ گلي ۾ ڇالا، مِعدي ۾ سوج وغيره ٿيڻ جو خطرو آهي- ان تي يڪدم ٿڌو پاڻي پيئڻ مهارن ۽ معدي کي نقصان پهچائيندو آهي، تنهنڪري ڪاڌي کي ٿورو ٿڌو ڪري ئي کائڻ گهرجي، جيئن

امیرِاهلسنت حضرت علامہ مولانا محمدالياس عطار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڪتاب "فيضانِ سُنّت" جلد اوّل جي صفحي نمبر 280 تي لکن ٿا: حضرت جابر رَضِیَ اللّٰه عَنْهُ فرمائن ٿا تہ نبي ڪريم ، رسولِ عظيم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: گرم ڪاڌو ٿڌو ڪري وننڌا ڪريو ڇوتہ گرم کائڻ ۾ برڪت ناهي هوندي- (مستدرڪ،ڪتاب الاطعمة،باب ابردوا الطعام الحار،۱۶۲/۵،حديث:۷۲۰۷)

## ڪاڌو ڪيترو ٿڌو ڪيو وڃي؟

حضرت جُوَيرِيہ رَضِیَ اللّٰه عَنْهَا کان رِوايت آهي تہ رسول ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪاڌي جي ٻاڦ ختم ٿيڻ کان اڳ ان کي کائڻ ناپسند ڪندا هئا- (معجم ڪبير،۲۴/۶۶،حديث:۱۷۲)

## گرم کاڌي جا نقصان

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاڌو ٺڌو ڪري ڪائڻ گهرجي ڇو ته اهو ضَروري ناهي ته ايترو ٺڌو ڪريو جو ڄمي بد مزه ٿي وڃي بلڪ ڪجهه ٺڌو ٿيڻ ڏيو ته جيئن ٻاڦ (Steam) نڪرڻ بندي ٿي وڃي- حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪاڌي جو ڪجهه ٺڌو ٿيڻ ۾ ڦوڪن سان ٺڌو نه ڪرڻ برڪت جو سبب آهي ان ڪري ڪائڻ ۾ به تڪليف ناهي ٿيندي- (مرآة المناجيح،۶/۵۲) ڪاڌو ڪائڻ جا آداب ۾ ان بابت گهڻي معلومات جي لاءِ امير اهلسنت جي ڪتاب "فيضانِ سُنّت" جو باب "پيٽ جو قُفلِ مدينه" ۾ "آدابِ طعام" ۾ رسالو "کھانے کا اسلامی طریقہ" جو مطالعو ڪرڻ نهايت مفيد آهي-

دعا ہے کچھ نہ کچھ لقمے خدا کے واسطے چھوڑوں رِضائے حق کی خاطر لذّتِ دنیا سے منہ موڑوں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ ڪم "هفتيوار اجتماع"

اي عاشقان رسول! اوهان پڌو ته معاشري ۾ ڪهڙي ڪهڙي طرح جلدبازي جو مظاهرو ڪيو پيو وڃي ۽ ان جا ڪهڙا خطرناڪ نتيجا سامهون اچي رهيا آهن، لهٰذا اسان کي گهرجي ته اسان جلدبازي کان پيڇو ڇڏايون ۽ اهڙن جي صحبت اپنايون جن جي صحبت جي بَرَڪت سان اسان جا ڪم جلدبازي جي تباه ڪارين کان محفوظ ٿي وڃن- ته اچو! عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اِسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ٿي عاشقانِ رسول جي صحبت اختيارَ ڪري وٺو ۽ انهن سان گڏ ملي ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ڪي پنهنجي علائقي ۾ مضبوط بڻايو- ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هفته وار هڪ مَدني ڪم "هفتيوار اجتماع" به آهي- ❖ اَلْحَمْدُ لِلّٰه هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ تلاوت ۽ نعت ۽ علمِ دين سان ڀرپور سُنّتن ڀريو اصلاحي بيان ٻڌڻ، اجتماعي طور تي ذڪرُ الله ڪرڻ ۽ رِقّت انگيز دُعا ۾ پنهنجي گناهن کان توبه ڪرڻ سان گڏوگڏ بُري صحبت کان بچڻ ۽ چڱي صحبت اِختيار ڪرڻ جا موقعا به مُيسر ايندا آهن- ❖ يقيناً چڱي صحبت اختِيار ڪرڻ ۾ گڏجي الله ڪريم جو ذِڪر ڪرڻ فضيلت جوڳو عمل آهي- فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: جڏهن ماڻهو ڪنهن مجلس ۾ گڏ ٿي الله

ڪريم جو ذِڪر ڪندا آهن، پوءِ جڏهن اهي فارِغ ٿيندا آهن تہ انهن کي چيو ويندو آهي تہ بيهي رهو، بيشڪ توهان جي گُناهن کي بخشيو ويو آهي ۽ توهان جي بُرائين کي نيڪين سان بدليو ويو آهي- (شعب الايمان،باب في محبة الله، ١/ ٤٥۴، حديث:٦٩٥) ❖ ”هفتيوار اجتماع“ تلاوت قرآن، نعت مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ، سُنَّتن پري بيان، رِقَّت اَنگيز دُعاء، ذِڪر ودُرُود جي مدني گلن ۽ عِلمِ دين جي گُلدستن سان سينگاريل هوندو آهي-

12مدني ڪمن مان هفتيوار هن مدني ڪم **”هفتيوار اِجتماع“** جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي رِسالي **”هفتيوار اِجتماع“** جو مطالعو ڪريو، تمام ذِميدارانِ دعوتِ اسلامي، خاص ڪري **هفتيوار اجتماع جي مجلسن جا نگران ۽ اَراڪين** تہ هن رِسالي جو لازمي مطالعو فرمائن- اهو رِسالو مڪتبة المدينہ تي دَستياب هئڻ سان گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان بہ پڙهي سگهجي ٿو-

هن رِسالي جي مطالعي جي برڪت سان اوهان کي خبر پوندي- ❖ اِجتماعن جي اهميت ❖ دعوتِ اسلامي ۾ اِجتماعن جو اِهتمام ❖ هفتيوار اِجتماع ڇا آهي؟ ❖ اجتماع جو **مڪمل جدول** ❖ اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جون 13 **فضيلتون ۽ برڪتون** ❖ هفتيواراِجتماع بابت **مرڪزي مجلسِ شوريٰ** جي مدني مشورن جا مدني گُل ❖ **خيرخواه جا 19 مدني گل** ❖ هفتيوار اجتماع بابت **اِحتياط ۽ مُفيد معلومات** تي مشتمل سوال جواب ❖ هفتيوار اجتماع جون **شرعي ۽ تنظيمي اِحتياطون** وغيره-

اچو! ترغيب لاءِ **”هفتيوار اجتماع“** ۾ شرڪت ڪرڻ واري هڪ عاشقِ رسول جي مَدَني بهار ٻُڌون ٿا،

## فلمن، درامن جو شوقين نمازي بڻجي ويو

چَڪ 66 ڏهاندره فيصل آباد جي هڪ اسلامي ڀاءُ هڪ ڀيري فيصل آباد جي هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪئي. اجتماع ۾ جانشينِ اميرِ اهلسنّت حضرت مولانا عبيد رضا عطاري مدني دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه سنّتن ڀريو بيان فرمايو- بيان ٻڌي اهو اسلامي ڀاءُ خوفِ خدا سان روئڻ لڳو ۽ لڙڪن جي صورت ۾ دل جو مير نڪرڻ لڳو- اجتماع کان پوءِ جانشينِ اميرِ اهلسنّت

سان ملاقات جو شرف بہ حاصل ٿيو، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه قفلِ مدينہ لڳائڻ (يعني زبان کي فضول ڳالهائڻ کان بچائڻ، نگاهن کي فضول ڏسڻ کان بچائڻ وغيره)، باعمل بڻجڻ ۽ نمازِ تهجد پابندي سان پڙهڻ جي ترغيب ڏني جنهن کي ٻڌي ان ۾ نيڪ بڻجڻ جو جذبو پيدا ٿيو، ان اڳوڻي گناهن ڀري زندگي کان توبہ ڪئي ۽ سُنّتن جي سائي ۾ زندگي گذارڻ شروع ڪئي- نمازن جو پابند ٿي ويو، هفتيوار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪرڻ لڳو ۽ حُليو بہ سنت جي مطابق ڪري ورتائين- مدني بهار بيان ڪرڻ وقت نگران حلقہ مشاورت جي حيثيت سان دين جي خدمت جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي-

اے بیمارِ عِصیاں تُو آجا یہاں پر گناہوں کی دیگا دوا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ! سیہ کارو آؤ! گناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول
پِلا کر مئے عشق دیگا بنا یہ تمہیں عاشقِ مُصطَفٰے مَدَنی ماحول
(وسائل بخشش مرمَّم،ص۶۴۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جلد بازي جي نقصانن جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين- ياد رکو! جلد بازي توڙي جو شيطاني ڪم آهي پر ڪجهہ ڪم اهڙا بہ آهن جن ۾ جلدي ڪرڻ ضروري ۽ شريعت کي پسند آهي ۽ انهن کي ڪرڻ ۾ دير نہ ڪرڻ گهرجي، پر جلدي جو مطلب اهو آهي تہ انهن کي انجام ڏيڻ جي لاءِ جلد قدم وڌايو، نہ اهو تہ انهن ڪمن کي جلدي جلدي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ بگاڙي ڇڏي يا اڌورو (Incomplete) ڇڏي ڏي- خيال رهي تہ هر ڪم ۾ تاخير ۽ احتياط سان ڪم ڪري پر اُخروي ڪمن ۾ جلدي ڪرڻ بهتر آهي ڇوتہ موت جي خبر ناهي- (مرآة المناجيح،٦/٦٢٤)

## آخِرت وارن ڪمن ۾ جلدي ڪرڻ گهرجي

حديث پاڪ ۾ آهي: اِطمينان هر شيء ۾ هجي، سواءِ آخِرت جي ڪم جي-
(ابوداود،ڪتاب الادب،باب في الرفق،۴/۳۳۵،حديث:۴۸۱۰)

حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: يعني دُنياوي ڪم ۾ دير لڳائڻ سنو آهي ته ممڪن آهي اهو ڪم خراب هجي ۽ دير لڳائڻ ۾ ان جي خرابي معلوم ٿي وڃي ۽ اسان ان کان پاسو ڪريون پر آخرت جو ڪم ته سنو ئي سنو آهي ان کي موقعو (Chance) ملندي ئي ڪري وٺو چوته دير ڪرڻ ۾ ٿي سگهي ٿو ته موقعو ويندو رهي- ڪيئي پيرا ڏٺو ويو ته ڪجھ ماڻهن کي (حج جو) موقعو مليو نه ڪيائون پوءِ نه ڪري سگهيا- ربّ ڪريم فرمائي ٿو: فَاسۡتَبِقُوا الۡخَیۡرٰتِ ؕ سو اهو ئي سوچيو ته چڱائين ۾ ٻين کان اڳرائي ڪريون- (پ۲،البقرة:148) شيطان خير واري ڪم ۾ دير ڪرائي نيٺ ان کان روڪي ڇڏيندو آهي- (مرآة المناجيح، ۶/۶۲۷ ملخصًا)

اچو! هاڻي پڙهون ٿا ته اهي ڪهڙا ڪم آهن جن ۾ جلدي ڪرڻ ضروري آهي، جيئن

## ڇهه 6 ڪمن ۾ جلدي ضروري آهي

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي ڪتاب”**حڪايتون ۽ نصيحتون**“ جي صفحي نمبر 164 تي آهي: منقول آهي: جلدبازي شيطان جي طرفان آهي پر هنن ڇهن ڪمن ۾ جلدي ڪرڻ شيطان جي طرفان ناهي اهي هي آهن: (1) جڏهن نماز جو وقت ٿي وڃي ته ان ۾ جلدي ڪرڻ (2) مهمان اچي ته ان جي مهمان نوازي ڪرڻ (3) ڪنهن جي مرڻ تي ان کي ڪفنائڻ ۽ دفنائڻ (4) ڇوڪريءَ جي بالغ ٿيڻ تي ان جي شادي ڪرڻ (5) قرض جي ادائيگي جو وقت اچي ته ان کي جلد ادا ڪرڻ ۽ (6) ڪو گناهه ٿئي ته يڪدم توبه ڪرڻ- ( الروض الفائق ، المجلس الثالث عشر في ذكر جهنم ، باب صفة الفقير ، ص۸۶)

## ڪن ڪمن ۾ دير نه ڪرڻ گهرجي؟

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي ڪتاب ”**جلد بازي جا نقصانات**“ جي صفحي نمبر137 تي لکيل آهي: ته ❖ نماز جي لاءِ اٿڻ ۾ دير نه ڪريو ❖ نماز جو وقت اچڻ تي نماز جي ادائيگي ۾ دير نه ڪريو ★ قرض ادا ڪرڻ ۾ جلدي ڪريو ❖ سلام ۾ اڳرائي ڪريو ❖ فرض حج لاءِ وڃڻ ۾ دير نه ڪريو ❖ غُسل فرض ٿيڻ تي غُسل ڪرڻ ۾ جلدي ڪريو گناهن کان جلد توبه ڪريو ❖ نيڪ ٻڄڻ ۾ جلدي ڪريو ❖ راهِ خدا ۾ خَرچ ڪرڻ ۾ دير نه ڪريو ❖ اولاد جوان (young) ٿي وڃي ته جلد شادي ڪريو ❖ مهمان کي جلد ڪاڏو

ڪارايو ❖ ڪنهن جي اِصلاح ڪرڻ ۾ دير نہ ڪريو ❖ جنازو حاضر هجي تہ جنازي جي نماز ادا ڪرڻ ۾ دير نہ ڪريو ❖ حق ضايع ڪرڻ جي معافي گهرڻ ۾ جلدي ڪريو ❖ ثوابِ جاريہ ڪمائڻ ۾ جلدي ڪريو-

ڪچھ نيکياں کمالے جلد آخرت بنالے

کوئی نہيں بھروسا اے بھائی! زِندگی کا

(وسائلِ بخشش مرمَّم،ص۱۷۸)

## مجلس"آئي ٽي"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي مدنيِ تحريڪ دعوتِ اسلامي ماڻهن جي دلين ۾ عشقِ مصطفي ۽ محبت اولياء اجاگر ڪرڻ ۽ سڄي دُنيا ۾ اِسلام جي دعوت پهچائڻ جي لاءِ 107 ڪَان وڌيڪ شُعبن ۾ دِينِ اسلام جو پيغام عام ڪري رهي آهي، انهن شعبن مان هڪ شُعبو بنام"مجلسِ آئي ٽي" بہ آهي جنهن جو ڪم انفارميشن ٽيڪنالوجي جي ذريعي سڄي دُنيا جي ماڻهن کي اِسلام جا بهترين مدني گل پيش ڪرڻ آهي، "مجلسِ آئي ٽي" جي نِمايان ڪمن مان اَعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي فتاويٰ رضويہ شريف ۽ شهره آفاق ترجمہ قرآن ڪنزالايمان کي سافٽ وئير جي شڪل ۾ پيش ڪرڻ بہ آهي جيڪو سارا جي لائق ڪم آهي، مجلسِ توقيت جي تعاون سان هڪ اهڙو سافٽ وئير بہ متعارف ڪرايو ويو آهي جيڪو ڪمپيوٽر ۽ موبائل وغيره تي ڪم و بيش 27 لک مقامن جي نمازن جي دُرست اوقات جي نشاندهي ۾ وڏو فائديمند آهي.

المدينہ لائبريري سوفٽ ويئر جي ذريعي ڪثير ڪتابن جو آساني سان مطالعو ڪري سگهجي ٿو- اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! مجلسِ آئي ٽي جي تيار ڪيل اهي تمام سافٽ ويئرز مڪتبةُ المدينہ تان حاصِل ڪري سگهجن ٿا-

هاڻي تائين ڪم و بيش 26 مختلف ايپلي ڪيشنز (Applications) لاؤنچ (Lounch) ٿي چڪيون آهن- الله پاڪ اسان کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي دينِ متين جي خوب خدمت ڪرڻ، نيڪي جي ڪمن ۾ وڌ ڪان وڌ حصو وٺڻ، مدني انعامات تي عمل ڪرڻ ۽ بين اسلامي ڀائرن کي بہ هن

جي ترغيب ڏيارڻ جي توفيق عطا فرمائي- آمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الاَمِین صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں     اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہو

(وسائلِ بخشش مُرمَّم،ص۳۱۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سيدنا عبد الله شاهہ غازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تعارف جون جهلڪيون

20 ذوالحج حضرت سيد عبدالله شاهہ غازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو عرس مبارڪ ڪلفٽن ڪراچي ۾ ملهايو ويندو آهي، اچو انهيءَ نسبت سان ڪجهه ٻڌو تا. ❖ حضرت سيد عبد الله شاهہ غازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 98ھ ۾ هن دنيا ۾ جلوه گر ٿيا- ❖ حضرت سيد عبد الله شاهہ غازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مديني پاڪ ۾ پيدا ٿيا- ❖ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي والد صاحب جو نالو حضرت سيد محمد نفس ذڪيہ هو- ❖ حضرت سيد عبد الله شاهہ غازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حَسَني حُسيني سيد آهن- ❖ سندن تعليم ۽ تربيت پنهنجي والد صاحب جي نگراني ۾ مدينہ منوره ۾ ٿي ٿي- ❖ پاڻ علمِ حديث ۾ ماهر هئا- ❖ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۾ علم جا جوهر موجود هئا، پاڻ پنهنجي علم جي روشنيءَ سان ڪيئي ماڻهن کي روشن ڪيو- ❖ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 12 سالن تائين اسلام جي تبليغ ڪندا رهيا ۽ مقامي آبادي جي سوين ماڻهن کي اسلام سان مشرف ڪيائون- ❖ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نهايت عابد ۽ زاهد متقي بلند همت، دين جو درد رکڻ وارا ۽ ماڻهن تي انتهائي شفيق ۽ مهربان هئا- ❖ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اخلاقِ ڪريمانہ کان ڪوڙ ماڻهو متاثر ٿيا- ❖ حضرت سيد عبدالله شاهہ غازي سنڌ ۾ داخل ٿيڻ وارا پهريان سادات (سيد) بزرگ ۽ مُبلغ هئا- ❖ ذوالحج 151ھ ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شهيد ٿيا- ❖ ڪراچي جي ساحلي علائقي ڪلفٽن ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مزار پُرانوار پنهنجون برڪتون لٽائي رهيو آهي ۽ پنهنجي نورانيت ۽ برڪت سان خاص ڪري ان شهر کي ۽ سڄي پاڪستان کي منور ڪري رکيو آهي-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سنت جي فضيلت ۽ پاڙيسري جي باري ۾ ڪي نڪتا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،۱/۵۵،حديث:۱۷۵)

ان کی سنَّت کا جو آئنہ دار ہے بس وُہی تَو جہاں میں سمجھدار ہے
(وسائلِ بخشش مرمَّم،ص۴۷۲)

## پاڙيسري جي باري ۾ نڪات!

اچو! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”قيامت جو امتحان“ مان پاڙيسري جي باري ۾ ڪجھ نڪات پڙڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا، اچو! پهريان ٻه فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪريو: (1) فرمايائون: الله پاڪ جي ويجهو بهترين پاڙيسري اهو آهي جيڪو پنهنجي پاڙيسري جو خير خواه هجي- (تِرمِذي، كتاب البر ولصلة ،باب ما جاء في حق الجوار،۳/۳۷۹، حديث: ۱۹۵۱)(2) فرمايائون: جنهن پنهنجي پاڙيسري کي اِيذايو ان مون کي اِيذايو ۽ جنهن مون کي اِيذايو ان الله پاڪ کي اِيذايو- (الترغيب والترهيب،۳/۲۸۶، حديث:۳۹۰۷ ) ❖ ”نُزهةُ القاري“ ۾ آهي: پاڙيسري ڪير آهي ان کي هر شخص پنهنجي عُرف ۽ معاملي سان سمجهي سگهي ٿو- (نزهة القاري،۵/۵۶۸) ❖ امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پاڙيسري جي حقن مان اهو به آهي ته ان کي سلام ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪري. ❖ ان کان ڊگهي گفتگو نه ڪري، ❖ ان جي حالات جي باري ۾ وڌيڪ پڇا ڳاڇا نه ڪري. ❖ هو بيمار هجي ته ان جي عيادت ڪري، ❖ مصيبت جي وَقت ان جي غم خواري ڪري ۽ ان جو ساٿ ڏئي. ❖ خوشي جي موقعي تي ان کي مبارَڪ باد ڏئي ۽ ان جي خوشي ۾ شرڪت ڪري- ❖ ان جي غلطين کي در گذر ڪري، ❖ ڇت تان ان جي گهر ۾ نه نِهاري، ❖ ان جي گهر جو رستو تنگ نه ڪري- ❖ هو پنهنجي گهر ۾ جيڪو ڪجھ وني وڃي رهيو آهي ان کي ڏسڻ جي ڪوشش نه ڪري- ❖ ان جي عيبن تي پردو وجهي، ❖ جيڪڏهن اهو ڪنهن حادِثي يا تڪليف جو

شڪار هجي تہ يڪدم ان جي مدد ڪري- ❖ جڏهن هو گهر ۾ موجود نہ هجي تہ ان جي گهر جي حفاظت کان غفلت نہ ڪري- ❖ ان جي خلاف ڪا ڳالھ نہ ٻڌي ۽ ان جي گهروارن کان نگاهن کي هيٺ رکي- ❖ اُن جي ٻارن سان نَرم لهجي ۾ گُفتگو ڪري، ❖ ان کي جن ديني يا دُنياوي معاملن جو علم نہ هجي ان جي باري ۾ ان جي رَهنمائي ڪري- (اِحياءالعلوم،۲/۲۶۷،ملخصاً)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب ! صلَّی اللهُ تعالٰی علٰی محمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتين اور آداب“ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا بہ رسالا ”101 **مدني گل**“ ۽ ”163 **مدني گل** هديو ڏئيِ حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب ! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ

وقت بہ ايستائين ھو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنھنجي ھٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رھيا آھن.[1]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آھي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص ھي دُرُود شريف پڙھي جيڪڏھن بيٺل ھو تہ ويھڻ کان پھريان ۽ ويٺل ھو تہ بيھڻ کان پھريان، ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو ھي دُرُود شريف پڙھندو آھي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آھن.[3]

## (4) ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[4]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽

---

1 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

3 ...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

4 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

(1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2] ... الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱

3... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305